# ماتا يا ڪاٽا

## تعارف

ماتا يا ڪاٽا جي بيماري رڍن ۽ ٻڪرين ۾ ٿيندڙ تمام اهم بيماري آهي. هي بيماري ٻين ڪيترن ئي انفيڪشنن جا در کوليندي آهي ۽ جانورن جي پيداوار تي وڏو اثر ٿيندو آهي. اها عام طور تي پاڪستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ٿيندي آهي، وباءِ جي اڪثر شروعات ڊسمبر ۽ فيبروري ۾ ٿيندي آهي ۽ پوءِ اپريل ۾ پنهنجي عروج تي پهچي ويندي آهي، هي بيماري هر سال جڳهه بدلائيندي آهي ۽ هڪ ئي هنڌ واقع نہ ٿيندي آهي. تمام گهڻا مسئلا جوان ڦرڙن ۽ ٻن سالن کان گهٽ عمر وارن جانورن ۾ مليا آهن، ماتا يا ڪاٽا 90 سيڪڙو متاثر جانورن کي ماري سگهي ٿي.



## ماتا يا ڪاٽا ڇا آهي / ماتا يا ڪاٽا بيماري جا سبب ڪهڙا آهي؟

ماتا يا ڪاٽا وبائي بيماري آهي ۽ خاص طور تي ٻڪرين ۽ رڍن ۾ ٿيندي آهي. اها هڪ وائرس جي ڪري ٿيندي آهي جيڪو رينڊرپيسٽ بيماري جي وائرس جهڙو هوندو آهي جيڪا ڍڳين جي بيماري آهي. رينڊرپيسٽ گذريل ڏهاڪي ۾ سڄي دنيا مان ڪاميابي سان ختم ٿي وئي هئي، ۽ اميد آهي تہ رينڊرپسٽ وانگر 2030 تائين ماتا يا ڪاٽا جو خاتمو بہ ٿي ويندو.



## نشانيون

- اڪثر گهرن ۾ يا ڳوٺ جا ڪيترائي جانور متاثر ٿين ٿا.
- نڪ ۽ اکين مان پاڻي وهڻ، دست، بخار، ڪائڻ پيئڻ بند ڪرڻ، وات ۾ زخم جيڪي اڃي مادي سان ڀريل هوندا آهن.
- نمونيا، جي ڪري ساهہ کڻڻ ۾ تمام گهڻي تڪليف ٿئي ٿي.
- گهڻي بيماري پکڙڻ جي ڪري جانور خاص طور تي ڪا بہ نشاني ظاهر ڪرڻ کانسواءِ مري وڃي ٿو.

## ماتا يا ڪاٽا واري بيماري ڪيئن پکڙجي ٿي؟

- بيماري متاثر ٿيل جانورن سان سڌو رابطي جي ڪري ڦهلجي ٿي، هي مرض متاثر جانورن جي دستن، منهن ۽ نڪ مان وهندڙ پاڻي، وغيره جي ذريعي صحتمند جانورن ۾ منتقل ٿئي ٿي. هي بيماري متاثر جانورن جي استعمال ٿيل پاڻي جي ٽب يا ويهڻ واري جاءِ جي ذريعي بہ لڳي سگهي ٿي.

- بيماري اڪثر متاثر جانورن جي چرپُر سان پکڙجندي آهي، جنهن جي ڪري ڪجهه جانور بيماري جون نشانيون ظاهر نہ ڪندا آهن. اڪثر مال پڙي ڏانهن وڪري لاءِ موڪليل جانورن مان ڪجهه جو وڪرو ٿيندو آهي ۽ ڪجهه جو وڪرو نہ ٿيندو آهي تہ پوءِ اُهي واپس ٻيهر ڌڻ ۾ شامل ڪرڻ جي ڪري بہ هي بيماري پکڙجندي آهي.

## ماتا يا ڪاٽا واري بيماري جي تشخيص

جيڪڏهن هيٺ ڏنل نشانين مان ڪا بہ جانورن ۾ ڏسڻ ۾ اچي تہ ماتا يا ڪاٽا واري بيماري جو شڪ ۾ ضرور رکجي.

- اوچتو بخار ، اکين / وات / نڪ ۽ دستن مان پاڻي جو خارج ٿيڻ
- ساهہ ۾ تڪليف / نمونيا
- وڏيڪ تعداد ۾ موت ٿيڻ
- مرده جانورن ۾ اڪثر ٿولهہ، ڦڦڙ ڪارا، آنڊا ڪارا / ڳاڙها ۽ پٽُو وڏي ويندو آهي.

- ڊاڪٽر بيمار ۽ تندرست جانورن جي رت جا نمونا وٺي بيماري جي تصديق ڪري سگهي ٿو.

## جيڪڏهن توهان کي ماتا يا ڪاٽا واري بيماري جو شڪ آهي ته ڇا ڪندا؟

جيڪڏهن توهان جو جانور ماتا يا ڪاٽا واري بيماري ۾مبتلا ٿئي ٿو ته پوءِ توهان پنهنجي ڳوٺ يا يونين ڪائونسل ۾ ويجهي جانورن جي ڊاڪٽر يا سرڪاري مال واري ڊسپينسري اسسٽنٽ سان رابطو ڪندا.

## علاج

- پي پي آر جو ڪو خاص علاج نہ آهي پر اينٽي بايوٽيڪ سان  بيڪٽيريل انفيڪشن جو علاج ڪري سگهجي ٿو
  - ✓ عام طور تي استعمال ٿيندڙ اينٽي بايوٽڪ دوائن ۾ Penicillin يا oxytetracycline شامل آهن. جيڪڏهن توهان اينٽي بايوٽيڪٽس استعمال ڪريو ته جانورن کي دوا جو پورو وزن لازمي پياريو. (گهٽ ۾ گهٽ 5 ڏينهن لاءِ هڪ پيرو روزانو دوا جو استعمال ضرور ڪريو).
  - ✓ دوائن جي بوتل تي لکيل هدايتن تي عمل ڪريو، آخري علاج کانپوءِ 4 هفتن تائين گوشت يا 1 هفتي تائين کير نہ واپرايو.
- جانورن لاءِ ٽُڪو يا ويڪسين مددگار آهي – وڌيڪ معلومات لاءِ هيٺ ڏنل’انفيڪشن ڪنٽرول‘ واري حصي کي پڙهو.
- جلابن ۾ مبتلا جانورن کي اضافي پاڻي جي ضرورت هوندي آهي ،سخت بيمار جانورن کي پاڻي ۾ڪيڙن مارڻ واري دوا ۽ نمڪول جو محلول پياريو، جيڪي جانورن جي ميڊيڪل اسٽور تان خريد ڪري سگهجن ٿا.
- بيمار جانورن کي خاص ڌيان ڏيو، گڏوگڏ سٺي معيار واري خوراڪ، پاڻي جي آسان رسائي، سخت گرمي يا سردي کان بچاءُ ، صاف ۽ خشڪ ماحول، جيڪي جانور بيهي نہ پيا سگهن انهن کي نرم بسترو ڏيڻ گهرجي.

## انفيڪشن ڪنٽرول

- بيماري پکڙجن واري صورت ۾، صحتمند جانور جي آبادي  کي بيماري کان بچائڻ لاءِ ويڪسينيشن هڪ سٺو هٿيار آهي. ويجهي موجود جانورن جي اسپتال ۾ موجود عملي کي ڪاٽا يا ماتا واري بيماري جي ويڪينيشن ڏيڻ لاءِ چئي سگهجي ٿو.
- وبا جي صورت ۾ بيمار جانورن کان صحتمند جانورن کي الگ ڪري ڇڏجي تہ جيئن بيماري جو ڦهلاءُ نہ ٿئي ۽ گڏوگڏ جانورن کي وڌيڪ ڌيان ۽ سٺي خوراڪ مهيا ڪرڻ گهرجي.
- صحتمند جانورن کانپوءِ بيمار جانورن کي ڪاڏو ڪارايو، خيال ڪريوتہ جيئن ٻين جانورن جي ڌڻ ۾ بيماري پکڙجي نہ سگهي. بيمار جانورن کي هٿ لڳائڻ کانپوءِ هٿن کي ضرور ڌوئجي.
- بيمار جانورن کي خوراڪ ڏيڻ کانپوءِ آورا يا ٻيا ٿانوءَ جراثيمن کي ختم ڪرڻ واري صابڻ سان ڌوئجن.

## احتياط

- پي پي آر کي روڪڻ جو بهترين طريقو اهو آهي  تہ سيني ٻڪرين ۽ رڍن کي تجربي ڪار ماڻهن کان ويڪسينيشن ڪرائجي، جانورن کي ننڍي عمر ۾ ٽُڪا هڻائڻ لاءِ ترجيح ڏيڻ گهرجي ۽ آخري ويڪسين تائين ٽُڪو هڻائجي.
- ڪوشش ڪريو تہ نون جانورن ۾ بيماري جي خدشي کان پهرين مارچ جي مهيني ۾ ويڪسين ڪري ڇڏجي.
- ويڪسينيشن گورنمينٽ لائيو اسٽاڪ کاتي جي ڊسپينسري / آفيس مان مفت حاصل ڪري سگهجي ٿي.
- استعمال جي دوران ويڪسين کي ٿڌو رکو (ڏينهن جي ٿڌي حصي ۾ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ سڌي سج جي روشني کان پري رکو ۽ ريفريجريٽر ۾ محفوظ ڪري رکو.
- ڄاڻ سڃاڻ وارن رابطن کان جانورن کي خريد ڪرڻ گهرجي، بيمار جانورن کي ٻئي ڌڻ کان ڌار ڪريو جيستائين جو ڊاڪٽر اُنهيءَ جي مڪمل چڪاس نہ ڪري ڇڏي.
- جيڪڏهن آس پاس وارن گهرن جا جانور بيمار آهن تہ پنهنجي جانورن کي انهن سان رابطي ۾ نہ اچڻ ڏيو ۽ عام علائقن ۾ جانورن کي چرڻ لاءِ نہ موڪليو.

Australian Government
Australian Centre for International Agricultural Research
Australian Aid
Aik Saath ايڪ ساٿ 'Together'
THE UNIVERSITY OF MELBOURNE
UVAS UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES LAHORE
LIVESTOCK & DAIRY DEVELOPMENT DEPARTMENT GOVERNMENT OF THE PUNJAB
حکومت سندھ Government of Sindh
SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY TANDOJAM